# اولاد جي تربيت سيرت طيبه ﷺ جي روشني ۾

ڊاڪٽر حافظ زين العابدين سوڍو

اسسٽنٽ پروفيسر، انسٽيٽيوٽ اف لينگويجز شعبو عربي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

ABSTRACT

**Children Taleemat -e- Nabvi (ﷺ).**

Children who are regarded as the flowers of heaven and for whom our beloved Holy Prophet (ﷺ) said that "They are fruits of heart" are provided with complete rights and protection by Islam. It is obligatory for the parents, guardians and government to provide them their initial, secondary and all the basic needs. The most important and basic rights is their education and nourishment so that after being elder they could become a valueable citizen, but it will be possible when they must be educate and nourished in the light of Seerat-e-Tayaba and Taleemat -e- Nabvi (ﷺ).

انسان کي الله تعالي پنهنجو خليفو ڪري موڪليو اهي ارشاد رباني اهي ته اني جا عل في الا رض خليفه (1) ترجمو:- اهڙي طرح انبياء به خليفه هوندا اهن يا دائود انا جعلناڪ في الا رض خليفه فا حڪم بين الناس بالحق (2) ترجمو:- اي دائود عليه السلام اسان توکي زمين ۾ نائب بنايو اهي حق جا فيصلا ۽ حڪم هلائيندو ڪر شاه ولي الله لکيو اهي حڪومت يا خلافت ٻه قسم اهي هڪ تدبير منزل ۽ ٻيو تدبير مملڪت . تدبير مملڪت ۾

پيءُ اهن) .

- پيءُ جي خصوصي توجهه سان ٻار وڏيڪ سڌري سگهن ٿا. قران ۾ اهل عيال جي تربيت جي خصوصي تا ڪيد اهي الله پاڪ جو ارشاد اهي ته يا ايهاالذين امنو قوانفسڪم و اهليڪم نارا ط (13) ترجمو:- اي ايمان وارو بچايو پاڻ کي ۽ اهل و عيال کي جهنم جي باهه کان .
- هاڻي اسان تي هي ديني فلاحي فريضه به اهي ته ٻارن جي صحيح روحاني نشونما ڪريون ۽ صحيح تربيت ڪريون. اسلام هڪ مڪمل دين فطرة اهي فطرة الله التي فطرالناس ط (14) ترجمو:- ۽ دين اسلام هڪ مڪمل دين اهي حضور تي اخري وحي تقريبا هي ايت نازل ٿي ته اليوم اڪملت لڪم دينڪم واتممت عليڪم نعمتي ورضيت لڪم الاسلام دينا ط (15) ترجمو:- اڄ مون توهان تي دين ڪامل ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي نعمت پوري ڪري ڇڏي ۽ هاڻي مون توهان لاءِ دين اسلام کي پسند ڪيو اهي. سودين اسلام جي تربيت ڄمڻ کان شروع ٿي وڃي ٿي. جڏهن ٻار ڄمن ته سيرت طيبه ۾ اهو حڪم اهي ته ٻار جي ڪن ۾ اذان ۽ اقامت چئو.(16) پهرين نيڪ لفظ ۽ اذان ٻڌڻ سان ٻارن جي پوري زندگي تائين سنو اثر ڪري ٿو. اذان ٻڌڻ سان شيطان ڀڄي وڃي ٿو. (17) ۽ ٻار جو روح اسلام جي پهرين سيرت طيبه جي روشني ۾ ٻارن جا سٺا نالا رکجن چو ته سٺا نالا رکڻ هن جي شخصيت ۽ ڪردار تي وڏو اثر پوي ٿو . حضور ارشاد اهي ته من ولدله ولد فليحسن اسمه وليوديه .(18) مفهوم حضور جو ارشاد اهي جنهن کي ٻار ڄمي ته انجو نالو سٺو رکو ۽ ۽ انجي سٺي تربيت ڪريو سٺو اخلاق سکيارٻو.

- سٺا نالا عبدالله ۽ عبدالرحمان اهن. (19) ۽ ٻارن جا خراب غلط معني وارا نہ رکجن کان النبي يغير اسماء القبيح (20) مفهوم نبي اکرم غلط نالن کي بدلائي ڇڏيندا هيا . انجي عيوض سٺا نالا رکندا هيا.
- دنيا مصيبتن ۽ ڏکن جو گهر اهي ٻارن کي مصيبتن کان بچڻ لاءِ سيرت طيبہ جي روشني ۾ ٻارن جي عقيقہ جو حکم اهي تہ ستين ڏينهن ٻارن جو عقيقہ ڪري چو تہ اهو ٻار جو فديو اهي انسان تان مصيبتون ٽرن ٿيون ۽ عقيقي جي گوشت ورهائڻ سان صلہ رحمي ۽ غريب غربي سان همدردي اجر ۽ ثواب بہ ملي ٿو.
- حديث ۾ عقيقي جي هي دعا اچي ٿي بسم الله اللهم منک وللک هذه
- عقيقہ فلان بسم الله الله اکبر (21) الله جي نالي سان شروع اي الله هي تنهنجو مال اهي ۽ توهان جي حضور ۾ پيش ڪيان ٿو. ۽ فلاڻي منهنجي ٻچي جوعقيقو اهي .
- سيرت طيبہ جي روشني ۾ ٻار جا وار بہ ڪوڙي چاندي جيتري خيرات ڪيو اها بہ سنت اهي.
- سيرت طيبہ جي روشني ۾ ٻارن جي تربيت لاءِ ضروري اهي تہ انهن کي رزق حلال کارائجي ۽ شڪ شبهي واري شيءَ کان پري رکجي، حضرت براءِ بن عازب کان روايت اهي. حضرت حسن رضہ هڪ دفعي صدقہ جي کجور کڻي کائڻ لڳو تہ نبي ڪريم انکي منع ڪئي ۽ چيائين ڪخ ڪخ. وڏيڪ فرمايائون تہ اسان اهلبيت خيرات جو مال نہ کائيندا اهيو. (هي خيرات صدقہ جو مال اهي. (22)
- سهڻي رسول جي سهڻي سيرت جو اهو بہ حکم اهي ٻارن سان پيار ڪجي ۽ نيڪ مجلسن ۾ حاضر ڪجي، حضرت

براءِ ابن عازب فرمائن ٿا تہ مون نبي ﷺ کي ڏٺو تہ حضرت حسن کي خطبي واري ممبر تي ڪلهي تي رکيو ويٺا هيا (23)

❀ پاڪ سيرت ۾ ٻارن جي تربيت ثواب ۽ صدقي جهڙو عمل شمار ڪيو ويو اهي. حديث ۾ اهي تہ لان يودب الرجل ولده خيرلہ من صدقہ صاع (24) مفهوم ڪوئي شخص پنهنجي اولاد جي تربيت ڪري اهو هڪ صاع (چار ڪلو) ڪجور خيرات ڪرڻ کان بهتر اهي، حديث ۾ اهي اذامات ابن ادم انقطع عنہ عملہ الامن ثلاث صدقہ جاريہ او علم ينفع بہ اوولہ صالح يدعوالہ (25) . مفهوم انسان جڏهن مري ويندو تقريبا سڀ عمل ختم ٿي ويندو مگر جاري هلندڙ ڪو خيرات (مثلا کوهہ مسجد پل) يا ڪو علم جو ان مان ماڻهو فيض وٺن ٿا يا نيڪ اولاد جو انلاءِ دعائون ڪري،

❀ هر شخص اولاد کي تحفو ڏيندو اهي سيرت طيبہ ۾ اولاد لاءِ بهترين تحفو سهڻي تربيت اهي. حديث ۾ اهي تہ مانحل والد ولده من نحل ادب حسن (26) مفهوم پيءُ جي طرفان ٻارن لاءِ بهترين تحفو بهترين تربيت ۽ اخلاق شاه عبدالطيف ڀٽائي فرمايو اهي.

اٺ ئي پهر ادب سين پراهائي پار .
پايو منهن مونهن ۾ غربت ساڻ گذار
مفتي منجهہ ويهار . قاضي ڪاٺيارو نہ ٿئي (شاه) (27)

❀ پاڪ سيرت ۾ ٻارن جي تربيت ۾ نماز جي وڏي اهميت اهي ڇو تہ نماز هر گناهہ کان بچائيندي اهي ان الصلواة تنهیٰ عن الفحشاء والمنڪر ط (28) ترجمو:- بيشڪ نماز گناهن، برائين ۽ بي حيائين کان روڪيندي اهي .

- ٻارن لاءِ حڪم آهي تہ وامر اهلك بالصلواة واصطبر عليها ط (29) ترجمو:- پنهنجي اهل عيال کي نماز جو پاڻ بہ پابند ٿي. ۽ حديث ۾ آهي تہ مروا صبيانك باالصلاة اذا بلغوا سبعا واضربواهم اذا بلغواعشرا (30) مفهوم ٻارن کي نماز جو حڪم ڪيو، جڏهن ستن سالن جا ٿين ۽ مار ڏيون جڏهن ڏهن سالن جا ٿين.
- سيرت طيبہ ۾ ٻارن جي مارلاءِ گهڻي سختي کان منع آهي فرمايائون تہ من لم يرحم صغيرنا ولم يوء قر كبير فليس منا .......... (31)
- مفهوم جيڪو ننڍن تي شفقت نٿو ڪري ۽ وڏن جي عزت نہ ٿو ڪري اهو اسان جي امت مان ناهي.
- حضور جن ٻارن جي وچم برابري جو حڪم آهي خاص طور نياڻين لاءِ تہ حقن جي برابري جو خاص تاڪيد آهي.
- حديث ۾ آهي تہ من كان لہ انثي فلم يادها ولم يهنها ولم يوثرولده عليها. الا دخل الجنہ (32) مفهوم جنهن کي بہ ڪا نياڻي هجي تہ پوءِ انکي جئري نہ پوريائين ( عرب رواج مطابق) ۽ ان کي خوار خراب نہ ڪيائين ( بي تربيت نہ رکيائين) ۽ ڇوڪرن کي وڌيڪ نہ ڀانيائين اهو پڪ جنت ۾ ويندو.
- سيرت طيبہ ۾. اولاد جو جاني قتل يا ذهني قتل ڪرڻ جي منع آهي.
- ارشاد رباني آهي تہ ولا تقتلو اولادكم خشيہ املاق ط(33)
- ۽ اولاد کي بک جي خوف کان قتل نہ ڪيو ڇو تہ اسان انهن کي روزي پهچايون ٿا.

# ٻارن جي تربيت ۾ والدين جي ذميواري

- ٻارن جي تربيت ۾ حڪمت ۽ صبر کان ڪم ورتو وڃي.
- ٻارن جي تربيت ۾ گھر جو ماحول بهتر ٺاهيو وڃي.
- ٻارن جي سٺي تربيت لاءِ انهن جي ڪوتاهين ۽ غلطين کي گهڻا دفعا معاف ڪيو وڃي ۽ سڀن جي سامهون دڙڪن ڏيڻ جي بجاءِ اڪيلائي ۾ سمجھائجي.
- ٻين ٻارن جي سامهون انهن جي ڏانهن ۽ شڪايت نہ ڪجي ان سان ٻارن کي احساس ڪمتري رهندي.
- ٻارن کي ذهني ازادي ڏجي تہ جيئن انهن ۾ خود اعتمادي اچي وڃي ۽ جرئت مندي پيدا ٿئي.
- ٻارن ۾ صبر، برداشت، حوصلو ۽ غصو ڪائڻ جي عادت نندي هوندي پيدا ڪجي.
- ٻارن جي نفسيات ۽ عادتن کي سمجھي ڪري قدم کڻو تہ جيئن انهن ۾ ضد هٺ نہ اچي.
- ٻاڻ سٺو ٿيڻ جي عادت وجهجي ٻارن وڏن جي نقشي قدم تي هلندا اهن.
- ٻارن کي ديني مذهبي ڪتاب ڏيڻ گهرجن تہ جيئن ديندار رهن.
- ٻارن کي سٺو ڳالهائڻ سيکارجي ننڍي وڏي سان گفتگوجا اداب سکڻ گهرجي.
- ٻارن کي ادب خدمت خلق گڏيل ماحول ۾ رهڻ جو عادي بنائجي.
- اولاد جي تربيت لاءِ سيرت طيبہ ۾ انهن جي تعليم ۽ تزڪيہ جو بندوبست ڪرڻ تمام ضروري اهي، رسول جي بعثت جو اهيو ئي مقصد اهي، ارشاد رباني اهي لقد من

الله علي المومنين اذبعث فيهم رسولا من انفسهم يتلوا عليهم اياته ويعلمهم الكتاب والحكمت ويزكيهم وان كانوا من قبل لفي ضلال مبين ط(34) ترجمو:- الله جو احسان اهي مومنن تي ته انهن جي نفسن مان رسول موڪليائين انهن تي قران جون ايتون تلاوت ڪري ٿو ۽ ڪتاب سيکاري ٿو ۽ حڪمت به ۽ انهن کي پاڪ بنائي ٿو.

- قران مجيد پڙهڻ جي ته گهڻي تاڪيد ڪئي وئي اهي، پهرين وحي ۾ ارشاد اهي ته، اقراء باسم ربک الذي خلق 0 خلق الانسان من علق 0 اقراء وربک الاکرم 0 الذي علم بالقلم 0 علم الانسان مالم يعلم 0 ط(35) ترجمو:- پڙهه الله جي نالي سان جنهن پيدا ڪيو اهي، پيدا ڪيائين انسان کي رت جي دڳ مان، پڙهه تنهنجو رب عزت وارو اهي، جنهن سيکاريو انسان کي قلم سان، انسان کي سيکاريائين جو نه ڄاڻيندو هو،

وڏيڪ فرمايو ته وقل رب زدني علما ط (36) ترجمو:- ۽ چئو اي الله منهنجي علم ۾ واڌارو ڪر.

- تربيت اولاد جو مسئلو در حقيقت اسلام جي شروعاتي تربيت جو مسئلو رهيو، حضور انور جڏهن مومنيائين عورتن کان بيعت ورتي هئي ته ان جا شرط قران مجيد ۾ هن طرح ايل اهن يا ايهاالنبي اذا جا ءڪ المومنات يبايعنڪ علي ان لايشرڪن بالله شيئا ولا يسرقن ولا يزنين ولا يقتلن اولادهن ولايعصينڪ في معروف ط (37) ترجمو:- اي نبي جڏهن مومنيائيون توکان بيعت وٺڻ اچن ته انهن کان هي بيعت (واعدو) وٺو ته الله سان شرڪ نه ڪنديون نه چوري ڪنديون نه زنا ڪرائينديون ۽ نه وري پنهنجي اولاد کي

قتل ڪنديون ۽ چڱي ڪم ۾ بي فرماني نہ ڪنديون.

هتي اولاد کي قتل ڪرڻ مان مراد صرف جاني طور قتل ڪرڻ نہ اهي بلڪہ ذهني قتل بہ تمام خراب اهي اولاد کي پڙهڻ کان محروم ڪرڻ ۽ صحيح تربيت نہ ڏيڻ اهو ذهني قتل اهي، ان تي اڪبر الله ابادي جو شعر اهي.

افسوس ڪہ فرعون ڪو ڪاليج ڪي نہ سوجهي
ورنا بچي قتل ڪر ڪہ بدنام نهين هوتا. (38)

ٻارن جي صحيح تربيت ڪرڻ سان انسان اولاد جي دعائن جوبهره مند رهي ٿو. وقل رب ارحمهما ڪما ربياني صغيرا ط (39)
ترجمو:- (اولاد جي دعا والدين لاءِ) اي الله هنن (ماءُ پيءُ) تي ائين رحم فرماءِ جيئن ننڍي هوندي منهنجي تربيت ڪئي هوائون. هن جو مطلب هي اهي، جڏهن اولاد جي صحيح تربيت ڪجي ٿي تہ اولاد ماءُ پيءُ لاءِ شڪراني طور دعائون گهرندا رهندا اهن، هڪ لامحدود ثواب جو سلسلو شروع ٿي ويندو اهي، جيڪو قيامت تائين جاري رهندو. والدين جي جهڳڙي جي پسند نا پسند جي ڪري ٻار تعليم جهڙي زيور کان رهجي وڃن ٿا.

- سيرت طيبہ اهو سيکاري ٿي تہ والدين پنهنجا اختلاف ٻارن جي سامهون نہ اڻن نہ ظاهر ڪن نہ تہ اولاد تعليم کان پري رهي غلط رستو وٺي ٿو.

# تربيت اولاد جا حق نياڻين لاءِ

- سيرت طيبہ ۾ نياڻي بہ هڪ نعمت ۽ تحفہ اهي.

ارشاد رباني اهي يهب لمن يشاء اناثاو يهب لمن يشاء الذڪور ط (40)
ترجمو:- خدا جي مرضي اهي جنهن کي تحفہ ۾ نياڻيون ڏي يا جنهن کي پٽ بخش انهي خدا جي تحفي کي خوشخبري سمجهي ۽ انجو قدر ڪرڻ گهرجي اها ني ڳالهہ حديث شريف ۾ اهي تہ من عال ثلاث

بنات وجبت لہ الجنہ وقالوواثنين قال واثنين قال فواحده قال فواحده (41) ترجمو:– جنهن بہ شخص ٻ نياڻيون پاليون اهن ان لاءِ جنت واجب اهي تہ ٻہ نياڻيون بہ چيائون.

ٻہ بہ پڇيائون هڪ بہ فرمايائون هڪ بہ.

مطلب تہ نياڻي بہ خدا جو تحفو ۽ رحمت ۽ برڪت جو سبب اهي انجي جيتري تربيت ڪجي اوترو وڏو ثواب اهي۽ انسان انسان جي عبادت جا درجا وڌي ويندا اهن حديث پاڪ اهي ثلاث لہ اجران ......... رجل عال جاريہ فادبهہ فاحسن تاديبها الخ (42) فرمايائون ٽن ماڻهن کي ٻيڻو ثواب ملندو هڪ اهو شخص جنهن نياڻي پالي اهي ۽ انجي بهترين تربيت ڪيائين تہ انکي ٻہ ثواب ملندا، هن جو مطلب هي تہ اگر نياڻي سنڀاليندڙ هڪ نيڪي ڪندو تہ انکي ٻہ نيڪيون ملنديون هڪ نماز– ٻہ نمازون، هڪ روزو ٻہ روزا هوندا.

❁ نياڻين کي رزق حلال کارائڻ بہ وڏو ثواب ۽ نيڪي جو ڪم اهي. حديث پاڪ ۾ اهي تہ جائت امرعه الي عائشہ فساءلها فاعطاها تمره فشق بينها واعطي بنتين لهما فحدثت بها النبي فقال النبي من عال بنتين ڪن لہ سترا من جهنم اوڪما قال (43) هڪڙي عورت بيبي عائشہ رضہ وٽ ائي ۽ ڪجهہ کائڻ لاءِ گهريو بيبي عائشہ ان کي هڪ کجور ڏني هن عورت ان کجور ٻہ اڌ ڻاهي ٻن نياڻين کي ڏني، (بيبي عائشہ ڏاڍي متاثر ٿي) ۽ رسول سان اها ڳالهہ ڪيائين پاڻ فرمايو تہ جنهن بہ ٻہ نياڻيون پاليون اهي نياڻيون ان لاءِ ڍال (بچاءُ) ٿي ونديون،

❁ هر نيڪي جهنم جي عذاب کان بچاءُ اهي، اهڙي طرح نياڻي بہ هڪ بهترين ڍال اهي، نياڻيون ساهہ سياڻيون هونديون اهن، انهن جي خدمت تربيت پوري خاندان جي تربيت اهي، هڪ نياڻي جي مهذب سگهڙ سياڻي ٿيڻ سان هڪ گهر جي بهترين راڻي ڻاهي سگهجي ٿي، نياڻين کي تعليم ۽ تربيت ڏئي انهن کي حقيقي الله

جو واصل بندو بنائي سگهجي ٿو، پٽائي صاحب ان لاءِ فرمايو اهي ته.

ساري سبق سک شريعت سندو سهڻي
طريقان تکو وهي- حقيقت جو حق
معرفت مرڪ- اصل عاشقن جو. (44)

# نياڻين کي تربيت لاءِ هدايتون

❁ نياڻين کي ديني تعليم ڏجي ۽ انهن کي قران ۽ حديث مان واقف ڪرائجي الله پاڪ جو ارشاد اهي واذڪرن مايتلي في بيوتڪن من ايات الله والحڪمه ان الله ڪان لطيفا خبيرا ط (45) ترجمو:- ( نياڻين تي واجب اهي ته ياد ڪرائن) پنهنجي گهروارن کي الله جون ايتون ۽ حڪمت ۽ تحقيق الله تعالي توهان جي ڳالهين کان باخبر اهي حديث پاڪ ۾ اهي ته طلب العلم فريضه علي ڪل مسلم و مسلمه (46) علم جو طلب ڪرڻ هر مسلمان مرد ۽ عورت تي فرض اهي،

❁ سيرت طيبه ۾ نياڻيون بااخلاق رهڻ سندن گفتگو شائسته نرم ۽ رعب دار هجي، الله پاڪ جو ارشاد اهي، فلاتخضعن بالقول فيطمع الذي في قلبه مرض وقلن قولا ڪريما ط (47) ترجمو:- ۽ ناز ۽ نخري سان نه ڳالهايو متان بيمار (منافق دل) ۾ ڪا (بي حيائي) جي لالچ رهي ۽ عام دستور موافق ڳالهايو ۽ حديث ۾ اهي ته يا عائشه عليڪ بالرفق فان الرفق ما جاء في شيءِ الازانه (48) مفهوم اي عائشه نرم گفتگو ڪيو جنهن به شيءِ ۾ نرمي ائي ان کي سنوارينديي اهي.

❁ نياڻين جي تربيت ۾ اهيو به شامل اهي ته انهن جو لباس باحجاب هجي ۽ زنانو هجي مرداڻو لباس پائڻ جي منع اهي. ارشاد رباني اهي يا ايهاالنبي قل لازواجڪ وبناتڪ ونساءالمومنين يدنين عليهن من جلابيبهن ط (49) ترجمو:- اي نبي چئو پنهنجن

کهروارين کي ۽ نياڻين کي ۽ مومنين جي عورتن کي پنهنجون چادرون ويڙهي نڪرن بئي هنڌ ارشاد رباني اهي ته وقل المومنات يغضضن من ابصارهن ط (50) ترجمو:- ۽ مومنياڻين عورتن کي چئو ته پنهنجون نظرون جهڪائي رکن ۽ حديث ۾ اهي ته المرئہ اذابلغت فليس لها ان يظهر منها هذه و هذه (51) مفهوم جڏهن عورت بالغ ٿي وڃي ته ان جا ( ڪليل عضوا) هي ۽ هو ظاهر نہ هجن مطلب هي اهي ته ڪو ديني ڪم هجي نماز هجي يا تبليغي تعليمي سفر هجي عورتن احتياط ڪرڻو اهي حديث پاڪ ۾ اهي ته خرجن النساء الي الصلواه متلفتات بمروطهن مايعرفن من الغلس (52) مفهوم (صحابيات) عورتون نماز لاءِ نڪرنديون هيون ته هو چادرن ۾ ويڙهيل هونديون هيون ۽ اونداهہ ۾ سڃاڻپ ۾ ڪو نہ ايندبون هيون.

❋ سيرت طيبہ ۾ نياڻين کي زيب و زينت جو اظهار ڪرڻ منع اهي، ارشاد رباني اهي ولايضربن بارجلهن ليعلم ما يخفين من زينتهن توبوالي الله جميعا ط (53) ترجمو:- ۽ پنهنجا ( زيور وارا ) پير زور سان زمين تي نہ هڻو متان لڪل سينگار بہ ظاهر ٿي پوي ۽ الله کان معافي گهرو.

۽ حديث ۾ اهي ته ڪا بہ عورت سينگارجي خوشبو لڳائي نڪتي اها جنت جي خوشبو کان محروم رهندي.

❋ سيرت طيبہ ۾ نياڻين کي غلط سينگار ڪارا داغ ٽيٽو ٺاهڻ ڏينيڙيون هٿائڻ غلط اهي انهن کان پرهيز ڪجي حديث ۾ اهي ته لعن الله الواشمہ والمستوشمہ (54) مفهوم الله منع فرمايو اهي ڪو بہ ڪارو نشان ٺاهجي يا ٺهرائجي ان تي خدا جي لعنت اهي.

❋ نياڻين کي مردن جهڙا ڪپڙا پائڻ مصنوعي وار ملائڻ مصنوعي ننهن وغيره ملائڻ جي منع اهي، ارشاد رباني اهي. ومااانامن

المتكلفين ط (55) ترجمو:- ۽ (رسول) بناوٽي نہ اهيان ۽ حديث ۾ اهي تہ لعن الله الواصلہ والمستوصلہ (56) مفهوم خدا لعنت ڪئي اهي انهن تي جن مصنوعي وار ڳنڍرايا اهن. ٻي حديث ۾ اهي تہ لعن الله المشبهات بالرجال(57) مفهوم الله جي لعنت اهي جيڪي عورتون مردن وارا لباس پهرين ٿيون.

❋ سيرت طيبہ ۾ اهو ئي حڪم اهي تہ نياڻيون ارام ۽ سڪون سان گهمن اڪڙ وڏائي لوڏ سان نہ هلن ۽ مردن کان ادب طور پوئتي هلن. ارشاد رباني اهي وعبادالرحمان الذين يمشون علي الارض هونا ط (58) ترجمو:- ۽ رحمان جا بندا اهي اهن جيڪي زمين تي ارام سان هلندا اهن. ۽ ٻئي هنڌ ارشاد اهي تہ ولاتمش في الارض مرحا ط (59) ترجمو:- ۽ زمين تي اڪڙجي نہ هل ۽ وڏيڪ ارشاد اهي تہ واقصد في مشيڪ واغضض من صوتڪ ان انڪرالاصوات لصوت الحمير ط (60) ترجمو:- ۽ گهمڻ ۾ اهستہ هل ۽ اواز کي جهڪو ڪر بيشڪ بڇڙي ۾ بڇڙو اواز گڏهہ جو اهي.

❋ نياڻيون مردن جي وچ ۾ يا اڳيان نہ هلن حديث ۾ اهي تہ نهي الرجل ان يمشي بين امراءتين (61) مفهوم مردن کي روڪيو ويو اهي تہ ٻن عورتن جي وچ ۾ نہ هلن ٻي حديث پاڪ ۾ اهي تہ قال للنساء استاءخرن (62) مفهوم عورتن لاءِ اهيو حڪم اهي تہ مردن کان پوئتي رهن.

❋ جتي نياڻين جي تربيت لاءِ ادب، اخلاق، حجاب ۽ تعليم جو حڪم اهي اتي نياڻي جي عزت نفس ۽ همدردي جو بہ حڪم اهي، سيرت طيبہ ۾ اهڙا گهڻا مثال اهن.

❋ حضور انور وٽ جڏهن سندس ڀيڻ شيماء (جيڪا سندس کير پياڪ ڀيڻ هئي) ان لاءِ پاڻ پنهنجي چادر وڇائي کيس ويهاريائون ۽ ان کي قيمتي تحفا ڏنائون.

❋ سيرت طيبہ ۾ نياڻين تي گهڻي سختي ڪرڻ منع اهي، حضور اڪرم اخري وقت ۾ اهيو فرمايو، واستوصوابالنساء خيرا (63) مفهوم نياڻين جي باري ۾ منهنجي نيڪ وصيت قبول ڪجو ۽ وڌيڪ فرمايائون تہ ان المراه خلقت من ضلع اعوج فان اقامتها ڪسرتها (64) مفهوم نياڻيون ڪبي پاسيري مان پيدا ٿيل اهن اگر انهن کي سڌو ڪندو تہ ٽٽي پونديون، نياڻي جي انگل کي پورو ڪرڻ ۽ انجي سارسنڀال ڪرڻ هڪ اجر ۽ ثواب جو ڪم اهي، پاڻ فرمايائون من عال جاريتين ڪن سترا من النار (65) منهوم جيڪو شخص ٻن نياڻين جي سنڀال ڪندو اهي نياڻيون سندس لاء جهنم لاءِ ڍال اهن.

❋ جنهن کي نياڻي ڄمي تہ ان جي درست پرورش ڪري ۽ انکي ضرورت هجي تہ شادي ڪرائجي ارشاد رباني اهي وانڪحوالا يامي منڪم والصالحين من عباد ڪم ط (66) ۽ شادي ڪرايو نياڻين کي ۽ الله جي نيڪ ٻانهن کي،

❋ سيرت طيبہ ۾ نياڻين تي خرچ ڪرڻ جو حڪم اهي، ارشاد رباني اهي، فلينفق ذوسعہ من سعتہ ط (67) ترجمو هر وس وارو پنهنجي وس اهر خرچ ڪري، حديث ۾ اهي تہ الخلق عيال الله فاحب الخلق من احسن الي عيالہ (68) مفهوم مخلوق خدا جو ڪٽنب اهي ڀلو اهو اهي جيڪو پنهنجي ڪٽنب سان سٺو هلي ۽ نيڪي ڪري.

❋ سيرت طيبہ ۾ نياڻين جي تربيت لاءِ ضروري اهي تہ انهن کي ذڪر ۽ عبادت جو عادي بڻائجي. بيبي فاطمہ رضہ جو مشهور قصو اهي تہ هڪ دفعي پاڻ بيبي سائڻ حضور جي گهر وئي پر حضور موجود نہ هيا انڪري بيبي عائشہ کي نياپو ڏنائون تہ مون چڪي پيهي ڪري لڦون پئجي ويون اهن ۽ پاڻي ڀرڻ ڪري ڪلها ڦٽجي ويا اهن تنهن ڪري مونکي ڪم لاءِ ڪو غلام ڏنو

وجي، بيبي فاطمہ رضہ موٽي وئي رات جو رسول انجي گهر ايا ۽ ڳالهہ پڇيائون تہ هن سڄي ڳالهہ ٻڌائي تہ موکي غلامہ کمہ لاء کپي، پاڻ فرمايائون تہ غلامہ ناهي پر توهان 3 ، 3 دفعا لاحمدالله ۽ 34 دفعا الله اکبر پڙهو اهو غلامہ کان بهتر اهي، هنن کي تسبيح فاطمہ چيو ويندو اهي جيڪي هر نماز کان پوء پڙهبي اهي، هي تسبيح انگرين تي پڙهبي اهي، حديث اهي تہ اعتقدن باالانامل (69) مفهومہ ٿ تسبيحن کي انگرين سان ڳڻيو، هڪ دفعي حضور رات جو گهبرائجي اٿيا فرمايائون، سبحان الله ما انزل من الفتن من يوقظ صاحب الحجرات (70) مفهومہ (الله کان ڊڄو) الله پاڪ اهي ڪيترا نہ فتنا اٿي چڪا اهن ڪير اهي جو گهر ۾ نياڻين کي اٿاري (۽ انهن کي نماز جو حڪمہ ڏي تہ تهجد پڙهن)، مطلب نياڻيون ٻہ تهجدَ جون عادي ٿين تہ جيئن فتنا ختمہ ٿي وڃن ۽ انهي سان گهر جا جهيڙا جهڳڙا ختمہ ٿي ويندا،

❁ تربيت اولاد ۾ نياڻي بيبي فاطمہ کي هڪ مثالي اولاد قرار ڏيئي سگهجي ٿو،

حديث ۾ اهي تہ قالت عائشہ ان فاطمہ ڪانت اشبہ برسول في دلہ وسمتہ وهديہ (71) مفهومہ حضرت عائشہ فرمائي ٿي تہ بيبي فاطمہ رسول تان تمامہ ڀيٽ رکندي هئي انجي ڏيک ويک ۾ اخلاق عادتن ۾ سيرت ۽ طريقي ۾ مطلب بيبي فاطمہ نبي جي سيرت اخلاق جا سڀ سبق سکي عمل ڪيا ۽ جيئن نبي جو اخلاق قران هيو يعني قران تي عمل ڪرڻ تمامہ اسان هيو ايئن ئي بيبي فاطمہ رضہ پوري قران تي عامل ۽ ڪامل هئي،

❁ سيده فاطمہ رضہ جڏهن چڪي هلائيندي هئي تہ قران پڙهندي هئي ۽ سندس شهزاده حسن ۽ حسين رضي الله عنها ٻڌندا رهندا هيا ايئن ئي هو ننڍي هوندي قران جا حافظ ٿي ويا اها اهي تربيت اولاد جو بهترين مثال،

❋ بخاري شريف جي اخري حديث هن ذڪر سان ختم ٿي وجي ٿي،

❋ سبحان الله وبحمده سبحان الله العظيم، ڪلمتان خفيفتان علي السان ثقيلتان في الميزان حبيبتان الي الرحمان (72)

## حوالہ


1. القران سوره البقره رڪوع 4 ايت 30 پارو 1
2. القران سوره ص رڪوع11 ايت 26 پارو 23
3. لويس معلوف المنجد العربي طبع بيروت صفحو 325
4. شاھ ولي الله دهلوي حجہ البالغہ قديمي ڪتب خانہ ڪراچي
5. القران سوره ال عمران رڪوع 8 ايت 79 پارو 4
6. القران سوره البقره رڪوع 13 ايت 233 پارو 2
7. سجتاني ابي دائود جلد 2 صفحو 223 قديمي ڪتب خانو ڪراچي
8. اصفهاني امام راغب مفردات القران صفحو 113 قديمي ڪتب خانو ڪراچي
9. القران سوره صافات رڪوع 7 ايت 100 پارو 23
10. القران سوره الفرقان رڪوع 6 ايت 74 پارو 19
11. القران سوره ال عمران رڪوع 12 ايت 36 پارو 4
12. القران سوره البقره رڪوع 13 ايت 233 پارو 2
13. القران سوره التحريم رڪوع 1 ايت 6 پارو 29
14. القران سوره الروم رڪوع 07 ايت 30 پارو 21
15. القران سوره المائده رڪوع 01 ايت 3 پارو 6
16. سجستاني ابي دائود جلد 2 صفحو 223 قديمي ڪتب خانو ڪراچي
17. تبريزي خطيب ولي الدين مشڪوات المصابيح سجتاني ابي دائود جلد 2 صفحو 618 قديمي ڪتب خانو ڪراچي
18. ايضا 19. ايضا 20. ايضا 21. ايضا
22. ايضا 23. ايضا 24. ايضا 25. ايضا
26. سجستاني ابي دائود جلد 2 صفحو 223 قديمي ڪتب خانو ڪراچي

27. ڀٽائي شاهه عبداللطيف شاهه جو رسالو سر سهڻي صفحو 169 روشني ڪنڊيارو
28. القران سوره العنڪبوت رڪوع 05 ايت 01 پارو 21
29. القران سوره طه رڪوع 7 ايت 132 پارو 16
30. تبريزي خطيب ولي الدين مشڪوات المصابيح سجتاني ابي دائود جلد 2 صفحو 213 قديمي ڪتب خانو ڪراچي
31. ايضا 32. ايضا
33. القران سوره بني اسرائيل رڪوع 4 پارو 15
34. القران سوره ال عمران رڪوع ايت 164 پارو 4
35. القران سوره العلق رڪوع 1 ايت 1 پارو 30
36. القران سوره طه رڪوع 06 ايت 114 پارو 16
37. القران سوره الممتحنه رڪوع 02 ايت 12 پارو28
38. اڪبر الله ابادي ڪلياتِ اڪبر صفحو 115 طبع لاهور 2000 ع
39. القران سوره بني اسرائيل رڪوع 3 ايت 24 پارو 15
40. القران سوره شوري رڪوع 6 ايت 50 پارو 25
41. ترمذي ابي عيسي جلد 2 صفحو 236 قديمي ڪتب خانو ڪراچي
42. بخاري محمد بن اسماعيل صحيح بخاري جلد 1 صفحو 15 قديمي ڪتب خانو ڪراچي
43. سجستاني ابي دائود جلد 2 صفحو 223 قديمي ڪتب خانو ڪراچي
44. ڀٽائي شاهه عبداللطيف شاهه جو رسالو سر سهڻي صفحو 169 روشني ڪنڊيارو
45. القران سوره الاحزاب رڪوع ايت 34 پارو22
46. بخاري محمد بن اسماعيل صحيح بخاري جلد 1 صفحو 25 قديمي ڪتب خانو ڪراچي
47. القران سوره الاحزاب رڪوع 4 ايت 34 پارو22
48. بخاري محمد بن اسماعيل صحيح بخاري جلد 9 صفحو 666 قديمي ڪتب خانو ڪراچي
49. القران سوره الاحزاب رڪوع 8 ايت 59 پارو22

50. القران سوره نور رڪوع 4 ايت 31 پارو18
51. بخاري محمد بن اسماعيل صحيح بخاري جلد 1 صفحو 25 قديمي ڪتب خانو ڪراچي
52. ايضا
53. القران سوره نور رڪوع 4 ايت 32 پارو18
54. بخاري محمد بن اسماعيل صحيح بخاري جلد 2 صفحو627 قديمي ڪتب خانو ڪراچي
55. القران سوره ص رڪوع 5 ايت 86 پارو23
56. سجستاني ابي دائود جلد 2 صفحو 290 قديمي ڪتب خانو ڪراچي
57. بخاري محمد بن اسماعيل صحيح بخاري جلد 2 صفحو932 قديمي ڪتب خانو ڪراچي
58. القران سوره الفرقان رڪوع اخري ايت پارو 19
59. القران سوره بني اسرائيل رڪوع 4 ايت 31 پارو 15
60. القران سوره لقمان رڪوع 2 ايت پارو 21
61. سجستاني ابي دائود جلد 2 صفحو 236 قديمي ڪتب خانو ڪراچي
62. ايضا 63. ايضا
64. تبريزي خطيب ولي الدين مشڪوات المصابيح سجتاني ابي دائود جلد 2 صفحو 421 قديمي ڪتب خانو ڪراچي
65. ايضا
66. القران سوره نور رڪوع ايت 32 پارو18
67. القران سوره طلاق رڪوع 1 ايت پارو28
68. سجستاني ابي دائود جلد 2 صفحو 236 قديمي ڪتب خانو ڪراچي
69. ايضا 70. ايضا 71. ايضا
72. بخاري محمد بن اسماعيل صحيح بخاري جلد 2 صفحواخري قديمي ڪتب خانو ڪراچي